**ڊاڪٽر ساجده پروين**

[اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي]

# "شاهه لطيف جي مارئي- پرڻيل عورت جي روپ ۾"

# Marui: as a married woman, in Shah Lateef's poetry

**Abstract:**

"Omar Marui" is one of the most popular folktales of Sindh and Sindhi literature which belongs to the Soomra dynasty. This folktale is written by many scholars, some of them are historians, and some are compliers of Shah Jo Risalo, while others are researchers.

Intellectuals possess different opinions and traditions on whether Marui was fiancée of or married to "Khait". Jethmal Pursraam argues that Marui was fiancée of Khait, when she was kidnapped by Omar Soomro from water well. On the other hand, Tahir Muhammad Nasyani, Mir Ali Sher Qaney Thattvi, Dr Gurbakhshani, Dr Nabi Baksh khan Baloch and Wali Sarwari are of the opinion that Marui got married to Khait before her abduction and subsequent imprisonment in the fort of Omerkot.

In this research paper, I am sharing an analytical, critical and comparative study of relevant traditions about Marui to investigate and explore the event. I will also discuss Sur Marui's selected poetry as reference from the Shah Jo Risalo to make the point.

There are many poems in Sur Marui which show her marital status such as:

مون ماروءَ سين لڏيون، لوئيءَ ۾ لائون،
سون برابر سڳڙا، مون کي ٻانهُنِ ٻڌائون،
عمر جو آئون، پٽ ڪيئن پهريان سومرا!

I, simply, have tied the knot with a desert dweller,
They've adorned my arm with threads – to me equal to gold,
How can, therefore I, wear satin offered by Umar Soomro!

In this paper, I have thoroughly discussed the events by referring to the poetry of Shah Bhittai from Sur Marui, to prove that Shah Latif was also of the view that Marui was Khait's wife not her fiancée at the time of her abduction.

عمر ـ مارئيءَ جو قصو سومرن جي دور(1050ع ـ1350ع) سان تعلق رکي ٿو. مختلف تاريخي احوالن ، شاهہ جي مرتب ڪيل رسالن توڙي ٻين ڪتابن ۾ سنڌ جي هن رومانوي قصي کي هر عالم ۽ اسڪالر پنهنجي پنهنجي انداز سان مختلف روايتن ذريعي پيش ڪيو آهي. هن تحقيقي مقالي جو مقصد عمر مارئيءَ جي داستان جي تفصيل، تشريح، ورجاءَ يا مارئيءَ جي حُب الوطنيءَ جو تذڪرو بيان ڪرڻ هرگز ناهي.

آئون هن قصي سان لاڳاپيل روايت تہ ”جنهن وقت عمر سومرو مارئيءَ کي کوهہ تان زوري کڻي ويو هو ان وقت هوءَ کيت سين جي مڱيندي هئي. “ جي ڇنڊ ڇاڻ ڪندي، شاهہ جي بيتن جي روشنيءَ ۾ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديس تہ مارئيءَ اغوا ٿيڻ وقت، کيت سين جي مَڱ ڪا نہ هئي پر هوءَ ساڱس پرڻيل هئي ۽ کيت سين سندس وَرُ هو!

عمر ـ مارئيءَ جي داستان جو سڀ کان آ ڳاٽو احوال اسان کي ٻن تاريخي ڪتابن مان ملي ٿو. پهريون طاهر محمد نسيانيءَ جي فارسي تصنيف ”تاريخ طاهري“ مان جيڪا 1621ع جي لڳ ڀڳ مرتب ڪئي وئي ۽ ٻيو مير علي شير قانع ٺٽويءَ جي فارسي تصنيف ”تحفة الڪرام“ مان، جيڪا تقريبن 1767ع ۾ رقم ٿي. تحفة الڪرام ۾ ڏنل بيان پڻ گهڻي ڀاڱي تاريخ طاهريءَ تان ئي نقل ڪيل ٿو ڏسجي.

مير علي شير قانع ٺٽوي لکي ٿو تہ:

”مارئيءَ نالي هڪ پاڪدامن ۽ خوبصورت عورت مارن جي قوم مان تلها (ڳوٺ) ۾ رهندڙ هئي. سندس ماءُ پيءُ هن جو مڱڻو ”پنهونءَ“ نالي هڪ شخص سان ڪيو هو پر پوءِ ڦري، هڪ ٻئي عزيز کي ڏيئي ڇڏيائون. پنهون انهيءَ محبوبہ جي هٿان نڪري وڃڻ کان ڦتيل دل ٿي، ”عمر“ وٽ فريادي ويو ۽ وڃي چيائينس تہ ..... منهنجي مڱيندي، ٻئي سان پرڻائي ويئي آهي.[1]

هن حوالي مطابق عمر ـ مارئيءَ جي روايتي قصي جي برعڪس ڦوڳ نہ بلڪ پنهونءَ نالي ڪو شخص هو جنهن مارئي جي سَڱ جي گُهرَ ڪانہ ڪئي هئي، بلڪہ مارئيءَ جو رشتو مائٽن جي مرضيءَ سان اڳ ۾ پنهونءَ سان ئي ڪيو ويو هو. تنهن کان پوءِ وري هن جي مائٽن پنهونءَ سان سندس مڱڻي ختم ڪري کيس ٻئي ڪنهن مائٽ سان پرڻائي ڇڏيوهو. هن سموري قصي ۾ اسان کي ڪٿي بہ مارئيءَ جي

مڙس يعني ”ڪيت سين“ جو نالي سان ذڪر نٿو ملي. ليڪ هر هنڌ فقط ”مڙس“ جو لفظ استعمال ڪيو آهي. مارئيءَ جو سڱ پنهونءَ سان ڇو ختم ڪيو ويو ان جو سبب پڻ ڪونهي ڄاڻايل.

’تاريخ طاهري‘ توڙي ’تحفة الڪرام‘ ۾ هيءُ قصو سومرن جي زمان ۾ مڪان ڪان تقريبا ٽي يا چار صديون پوءِ لکيو ويو آهي. تنهن ڪري هيءُ قصو گهڻو ڪري زباني روايتن جي شاهدين جي آڌار تي ترتيب ڏنو ويو هوندو ۽ جيئن پوءِ تيئن وقت بوقت هن قصي جي واقعن ۾ اجان بہ ڦير گهير ٿيندي رهي آهي.

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پنهنجي ترتيب ڏنل شاهہ جي رسالي ۾ انهيءَ واقعي کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

”ٻالپڻي کان ئي ڦوڳ جو مارئيءَ تي ڏاڍو ارواح هوندو هو. هاڻ تہ سندس جوانيءَ جو جلوو پسي، ويتر مٿس مست ٿي پيو. آخر پاڻ جهلي نہ سگهيو. سو هڪ ڏينهن وجهہ وٺي پالڻيءَ کان مارئيءَ جو سَڱ گهريائين. پالڻيءَ تہ مارئيءَ جي مائٽي پنهنجي هڪ نياتيءَ کيت سان اڳ ئي ڪري ڇڏي هئي. سو صفا نابري واريائين.“(2)

جيتوڻيڪ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ’شاهہ جي رسالي‘ ۾ ان ڳالهہ جو اعتراف ڪيو آهي تہ هُنَ پڻ انهيءَ آڪاڻيءَ جو سٽاءُ انهن ٻنهي تاريخن ۾ آيل احوال مطابق رکيو آهي، پر تنهن جي باوجود ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ان واقعي کي ڇو ڦيرائي ڇڏيو آهي، تنهن جي ڪا سُڌِ نٿي پوي ۽ نہ ئي وري پاڻ حاشيي ۾ ان تبديليءَ جي ڪا وضاحت ڏني اٿائون.

گربخشاڻي صاحب پنهونءَ جي بجاءِ ڦوڳ نالو ڄاڻايو آهي جيڪو مارئي ءَ جو اڳوڻو مڱيندو ڪونہ هو بلڪ هو مارئيءَ تي عاشق هو ۽ سندس سَڱ جي گهُرَ ڪرڻ تي خبر پيئس تہ مارئيءَ جو رشتو کيت سان طئي ٿي چڪو هو.ان روايت جي بيان مان اهو انومان پيدا ٿئي ٿو تہ ان وقت مارئيءَ جي ڳالهہ يقينن پڪي ٿي چڪي هوندي پر هوءَ اجان پرڻي ڪو نہ هوندي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب پڻ لوڪ ادب جي اسڪيم هيٺ عمر-مارئيءَ جي داستان جي مختلف روايتن کي ترتيب ڏيندي هن قصي کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

”مارئي تمام حسين هئي، عمر سومرو سندس سونهن جي ساراهہ ٻڌي ملير ۾

ويو ۽ مارئيءَ کي کوهه تان کڻي عمر ڪوٽ ۾ آيو. مارئيءَ کي ويس وڳن ۽ محلاتن تي لالچائي شادي ڪرڻ لاءِ چيائين، پر مارئي اڳئي پرڻيل هئي، تنهن انڪار ڪيو ۽ عمر سومري کان واپس وطن وڃڻ جي گهر ڪيائين.... "(3)

شاهه لطيف جي ساليانې عرس جي موقعي تي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران ڇپرايل تحقيقي مقالن جي ڪتاب "سر مارئي" ۾ ولي سروري لکي ٿو:

سر مارئيءَ جي ڪنهن به بيت مان ثابت نٿو ٿئي ته ڪو مارئي مڱ آهي ۽ مارو عرف ڪيت مڱيندو آهي.

سونَ برابر سڳڙا، ٻانهُنِ ٻڌائون،
مون ماروءَ سين لڏيون، لوئيءَ ۾ لائون،
عمر ڪي آئون ڪيئن ڪر قبوليان.

هن بيت ۾ شاديءَ جي خاص رسم "لائُن" جو ذڪر آهي. ثابت ٿيو ته مارئيءَ کي مڙس ڏنو ويو هو جنهن ڪري هاڻ هوءَ عمر کي خاوند واري حيثيت ڪنهن به طرح ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. (4)

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو همعصر ليکڪ ڄيٺمل پرسرام پنهنجي ڪتاب "شاهه جون آکاڻيون" ۾ ساڳي روايت جي سمجهاڻي هيئن ڪري ٿو:

عمر، تون مون کي پنهنجي مڱيندي کان ڌار ڪري هِتِ وٺي آيو آهين، سو آءٌ ڪاڻياري ٿيس، هُتِ منهنجي وَرَ کي طعنا پيا لڳن ته تنهنجي مڱ هيئن پڄائي ويا ..... (5)

ڄيٺمل پرسرام صاحب پڻ هن واقعي کي ٿورو منجهائي بيان ڪيو آهي. مارئي پنهنجي مڱيندي لاءِ وَرَ جو لفظ ڪيئن ٿي استعمال ڪري سگهي. آءٌ سمجهان ٿي ته سنڌ جي سماجي قدرن سان تعلق رکندڙ ڪا به ڇوڪري مڱيندي کي مڙس ڪو نه چوندي آهي . ٻيو ته وَرَ جو لفظ نڪاح يا شاديءَ کان پوءِ ئي ڪتب آندو ويندو آهي. تنهن ڪري هن روايت مان اها وضاحت نڪري ٿي ته عمر سومري جنهن وقت مارئيءَ کي اغوا ڪيو ان وقت هوءَ ڪيت سين جي زال نه پر مڱ هئي.

بهرحال انهن سڀني روايتن جي تقابلي جائزي مان اهو نتيجو اخذ ٿئي ٿو ته پنهونءَ يا ڦوڳَ نالي شخص جنهن وقت مارئيءَ جي سَڱَ جي گهُرَ ڪئي هوندي، ان وقت هوءَ يقينن ڪنواري يا وينل ڇوڪري هوندي ڇاڪاڻ ته هميشه ان ڇوڪريءَ

جي سَڱَ جي گهُرَ ڪئي ويندي آهي جيڪا اڻ پرڻيل هوندي آهي يا فقط ڪنهن جي نالي ٿيل هوندي آهي (پر گهُرَ ڪرڻ واري کي ان جي خبر ناهي هوندي) يا وري عورت بيواهه هجي. پرڻيل عورت جي ٻانهن جي گهُرَ ڪير بہ ناهي ڪندو.

ٻئي پاسي جيڪڏهن پالڻيءَ جي بيان جو تجزيو ڪجي تہ "هن مارئيءَ جي مائٽي ڪري ڇڏي آهي" تہ ان مان اهو مطلب بہ نڪري ٿو تہ هن مارئيءَ جي شاديءَ جا ڏينهن ٻڌي ڇڏيا هوندا. جيستائين ساڙ ۽ حسد منجهان ڦوڳ عمر سومري کي مارئيءَ کي اغوا ڪرڻ لاءِ هرکايو هجي، ممڪن آهي انهيءَ وچ ۾ مارئي، ڪيت سين سان لائون لهي چڪي هجي.

شاهہ لطيف جنهن دور سان تعلق رکي ٿو سو ساڳيو تاريخ طاهري ۽ تحفة الڪرام جي لکجڻ جو وچ وارو دور آهي. شاهہ لطيف يقينن هيءُ قصو پنهنجي دور جي پنن، پانن، چارڻن ۽ سگهڙن کان ٻڌو هوندو. هن پڻ مارئيءَ کي پنهنجي ڪلام ۾ پرڻيل، باوفا ۽ مڙس سان بي انتها محبت ڪندڙ عورت جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي. جنهن جي شاهدي رسالي جي ڪيترن ئي بيتن مان ملي ٿي.

مثال طور مارئيءَ جي زباني شاهہ صاحب چورائي ٿو:

مون ماروءَ سين لڏيون، لوئيءَ ۾ لائون،
سون برابر سڳڙا، مون کي ٻانهن ٻڌائون،
عمر جو آئون، پٽ ڪيئن پهريان سومرا! (6)

(سر مارئي، داستان ٽيون، بيت 6)

هن بيت ۾ شاهہ صاحب لائن لهڻ ۽ ڳاني ٻڌڻ جو ذڪر ڪيو آهي. هي رسمون نج شاديءَ جي موقعي جون آهن جيڪي ٻئي ڪنهن بہ وقت ادا ناهن ڪيون وينديون. ڪنوار کي شاديءَ کان اڳ ۾ ونواهہ ۾ ويهاريو ويندو آهي. ونواهہ جي خاص رسمن ۾ هڪ رسم ڪنوار کي ساڄي ٻانهن ۾ ساهرن پاران ڳانو ٻڌڻ جي هوندي آهي. جڏهن تہ لائون شاديءَ واري رات ڏنيون وينديون آهن. جنهن ۾ گهوٽيتا ۽ ڪنواريتا گڏجي ست ست دفعا ڪنوار ۽ گهوٽ جا مٿا پاڻ ۾ ٽڪرائيندا آهن. هن بيت ۾ "لڏيون" ۽ "ٻڌائون" لفظ زمان ماضي ڏانهن اشارو ڪن ٿا. جنهن جو مطلب اهيو ٿيو تہ شاهہ لطيف مارئيءَ جي زباني عمر کي اهو چورائي ٿو تہ آءَ لائون لهي چڪي آهيان.

اهو ساڳيو فڪر اسان کي شاهه جي هڪ وائيءَ ۾ پڻ ملي ٿو:
لوئيءَ ۾ لائون، مون ماروُ سين لڌيون،
سون برابر سڳڙا، ٻانُهن ٻڌائون،
مون ماروءَ سين لڌيون،
سا ڪيئن ڪائي ڪارڪون، جنهن کي ڏونرا ڏيج ڏنائون؟
مون ماروءَ سين لڌيون. (7) (سرمارئي، داستان ٽيون ، وائي 1)

هن وائيءَ ۾ شاهه صاحب لاٰئن ۽ ڳاني سان گڏ ڏيج جوبہ ذکر ڪيو آهي. ڏيج پڻ اهو سامان هوندو آهي جيڪو شاديءَ جي موقعي تي مائٽ پنهنجي نياڻيءَ کي ڏيندا آهن. سو مارئي پڻ چوي ٿي تہ مون کي مارن ڏيج ۾ ڪنهن وڏي ساز سامان جي بجاءِ ڏونرا ڳٽايا ۽ ٻئي هنڌ چوي ٿي تہ مون کي مارن سيج ۾سُجَ ڳٽائي. سيج پڻ انهيءَ خاص ڳاڙهي رنگ واري هنڌ کي چيو ويندو آهي جنهن تي شاديءَ واري رات گهوٽ ۽ ڪنوار کي ويهاري لائون ڏنيون وينديون آهن.

مارئي چوي ٿي:

مون کي ماروئڙن، سج ڳٽائي سيج ۾. (8)

(سرمارئي، داستان ٽيون، بيت 15)

وري هي بيت ڏسو:

سون برابر سڳڙا، لُون لُونءَ برابر لَکُ،
ربو جنهن رد ڪئو، ڪوڙ تهين کي ڪَکُ،
مون ماروُ جو مک، تيل نہ لائيان تنهنجو. (9)

(سرمارئي، داستان ٽيون، بيت 4)

هن بيت جي آخري سٽ ۾ پڻ ونواهہ جي وقت ڇوڪريءَ جي مٿي ۾ سس، ٽٽانن، ڏيراٽين ۽ ٻين سهاڳڻين پاران ست پيرا تيل لڳائڻ واري رسم جو ذڪر ڪيل آهي. مارئي عمر کي چوي ٿي تہ مون کي ونواهہ ۾ پنهنجي گهوٽ پاران جيڪو تيل لڳايو ويو سو ئي ڪافي آهي ۽ آءٌ تنهنجو تيل پنهنجي سينڌ ۾ هرگز نہ لائيندس.

ان کان سواءِ سر مارئيءَ ۾ شاهه صاحب ڪوڙ سارا اهڙا بيت پڻ مارئيءَ جي زباني چورايا آهن جن ۾ هوءَ ڪيت سين کي مارو ،پنهوار ۽ تور جهڙن لفظن سان گڏوگڏ وَرُ، ڪانڌ ۽ پتار جهڙن لفظن سان ياد ڪري ٿي. مثال طور:

آئون ڪيئن سوڙين سمهان، مون وَرُ گهاري ولهه. [10]

(سر مارئي،داستان ٽيون ،بيت 13)

يا وري هي بيت ڏسو.

پَٽُ نہ پهريان، سومرا! جانڪيتان جيان،
آءُ ڪيئن لوئي لاهيان، ڪارڻ ٻن ڏينهان؟
جانسين ٿي جيان، ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو ٻِئو. [11]

(سرمارئي ،داستان ٽيون ،بيت 7)

هي بيت پڻ ان ڳالهہ جي وضاحت ڪري ٿو:

جهڙي آيس جي، تهڙي وڃان تن ڏي،
تہ لالائي جا لطيف چئي، ڪر مدن اُنا مينهن،
مارُڙيءَ ! لڳم مهڻو سڀ ڄماندر سي،
ٿيس ڪاڻياري ڪانڌ جي، هتي اچي هيئن،
ڪنڌ ڪڻنديس ڪيئن، منهن مارو ئڙن جي؟ [12]

( سرمارئي،داستان ڇهون،بيت 1)

سنڌي سماج جي ڪا بہ عورت فقط پنهنجي مڱيندي يا محبوب لاءِ وَرُ، ڪانڌ ۽ ڀتار جهڙا لفظ استعمال نٿي ڪري سگهي يا مارئيءَ جو عمر ڪي اهو چوڻ تہ جيستائين جيئري آهيان ڪو ٻيو مڙس نہ ڪندس. اِهي بيت بخوبي ثابتي ڏين ٿا تہ مارئيءِ کي جنهن وقت عمر سومرو اغوا ڪري ويو هوندو ان وقت هوءَ يقينن کيت سين سان پرڻيل هوندي.

تنهن کان سواءِ هڪ ٻي شاهدي، جا شاهہ صاحب جي بيتن منجهان ملي ٿي، سا اِها آهي تہ سموري سر ۾ مارئيءَ ، عمر سومري کي ڪيترائي ڀيرا سندس نالي سان مخاطب ڪيو آهي جڏهن تہ پنهنجي وَرَ يعني کيت سين جو نالو هوءَ ڪٿي بہ نٿي وٺي. انهيءَ جو سبب اهو آهي تہ سنڌي سماج جي ثقافتي قدرن ۾ ڪا بہ عورت پنهنجي مڙس جو نالو وٺڻ بجاءِ پنهنجي ٻار جي نالي سان مڙس جو ذڪر ڪندي آهي. اڄ بہ اسان جي ٺيٺ ٻهراڙين ۾ اهو قدر موجود آهي. انهيءَ ڳالهہ مان پڻ اها ثابتي ملي ٿي تہ مارئي پرڻيل هئڻ سبب پنهنجي گهر واري کيت سين جو نالو ڪٿي بہ نٿي وٺي.

مجموعي طور سان هن تحقيقي مقالي مان اهو نتيجو اخذ ٿئي ٿو تہ مارئيءَ

جي شاديءَ جي حوالي کان مختلف روايتن کي ترتيب ڏيندي تاريخ طاهريءِ تحفة الڪرام جي مصنفن ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ توڙي ولي سروريءَ بہ ڪيس ڪيت سين سان پرڻيل ڏيکاريو آهي. جنهن جي شاهديءَ ۾ شاهہ صاحب جا پڻ ڪيترائي بيت ملن ٿا. جن ۾ مڱڻيءَ کان وٺندي ونواهہ ۽ شاديءَ جي ڪيترين ئي رسمن جهڙوڪ لائڻ لهڻ، ڏاج ڏيڻ، ڳاني ٻڌڻ، مٿي ۾ تيل لائڻ وغيره جو ذڪر ڪيل آهي. تنهن ڪري اسان اهو چئي سگهون ٿا تہ جنهن وقت عمر سومري مارئيءَ کي اغوا ڪيو هوندو ان وقت هوءَ ڪيت سين جي مڱيندي نہ پر پرڻيل زال هوندي، جنهن جي شاهدي شاهہ صاحب جي بيتن منجهان پڻ ملي ٿي.

## حوالا


1. قانع علي شير ٺٽوي، مير، ”تحفة الڪرام“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1957ع، ص. 100
2. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر ”شاهہ جو رسالو“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2005ع، ص. 559
3. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”مشهور سنڌي قصا“، سنڌ جي حب الوطني جو داستان عمر مارئي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1976ع، ص. 8
4. سنڌي، حميد، ”سر مارئي“، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ، 1990ع، ص. 119
5. گلراجاڻي، ڄيٺمل پرسرام، ”شاهہ جون آکاڻيون“، اساٽ ساهت مالها، نئين دهلي، 1922ع، ص. 106
6. گربخشاڻي، هوتچند مولچند ڊاڪٽر: ”شاهہ جو رسالو“ سُر مارئي: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2005ع.
7. ساڳيو رسالو: (داستان ٽيون: وائي 1)
8. ساڳيو سر مارئي (داستان ٽيون: بيت 15)
9. ساڳيو سر مارئي (داستان ٽيون: بيت 4)
10. ساڳيو سر مارئي (داستان ٽيون: بيت 13)
11. ساڳيو سر مارئي (داستان ٽيون: بيت 7)
12. ساڳيو سر مارئي (داستان ڇهون: بيت 1)